از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

رسالو نمبر: 58

تخريج شده

# پراسرار پينو



ترجمو پيشڪش : مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

مڪتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محله سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي، پاڪستان. فون: 4921389-95/4126999 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# پُراسرار پَينُو

غالبًا توهان کي شيطان هي رسالو پورو نہ پڙهڻ ڏيندو پر اوهان ڪوشش ڪري پورو پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

## درود شريف جي فضيلت

**سرڪارِ** مدينهٴ منوره، سردارِ مڪهٴ مڪرمه صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي، اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو ، جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا. (فردوس الاخبار ج5ص375، حديث 8210)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب ! صَلَّى اللّٰه تَعَالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

ڪجهہ عرصو اڳ اهو واقعو حقيقت جي طور تي هڪ گجراتي اخبار ۾ شايع ٿيو هيو. مون ان کي بيحد عبرتناڪ ڏٺو تنهنڪري پنهنجي يادگيري جي مطابق ۽ پڻ ڪجهہ اضافي سان پنهنجي انداز ۾ تحرير ڪيو آهي تہ جيئن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ خوب خوب عبرت جو سامان مهيا ٿئي . سگِ مدينه عفي عنه

**هڪ** شخص جو بيان آهي، مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ **حضرتِ سيدُنا غوث بهاءُ الحق وَالدين زڪريا ملتاني** قدس سره النوراني جي مزار پُرانوار تي سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ مان حاضر ٿيس ، فاتحه ڪان پوءِ جڏهن موٽڻ لڳس تہ هڪ شخص تي منهنجي نظر پئي جيڪو دعا ۾ مشغول هو، مان حيران ٿي ڪري اتي ئي بيهجي ويس، قد ڊگهو پر جسم تمام ڪمزور ۽ چهري تي اداسي ڇانيل هئي، حيران ٿي ڪري بيهڻ جو سبب اهو هو تہ **ان جي ڪنڌ ۾ پاٽيءَ جو ڏول رڪيل هيو ،جنهن ۾ ان پنهنجي ساڄي هٿ جون آڱريون ٻوڙي رکيون هيون**، ان جي چهري کي غور سان ڏٺم تہ ڪجھ واقفيت محسوس ٿي، مان سندس فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس ، جڏهن ان دعا ختم ڪئي تہ مان ان کي سلام ڪيو، ان سلام جو جواب ڏئي ڪري مون کي غور سان ڏٺو ۽ سڃاڻي ورتائين، ٿوري گهڙيءَ جي لاءِ ان جي سڪل چپن تي هلڪي مرڪ آئي ۽ فوراً ختم ٿي وئي. پوءِ اڳ جيان هو غمگين ٿي ويو ، مان ان ڪان

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

ڪنڌ ۾ پاڻيءَ جو ڏول لڙڪائڻ ۽ ان ۾ ساڄي هٿ جو آڱريون ٻوڙي رکڻ جو سبب پُڇيو، هن تي ان غمن سان ڀريل دل مان هڪ ٿڌو ساهہ کڻڻ ڪان پوءِ چوڻ شروع ڪيو:

**منهنجو** هڪ ننڍڙو ريزڪي جو دڪان هو، هڪ ڀيري مون وٽ هڪ پينو ڪجھ گهرڻ لاءِ هٿ ڊگهيريو، مون هڪ سڪو ڪڍي ان جي ترئ تي رکيو،اهو دعائون ڏيندو هليو ويو، پوءِ ٻئي ڏينهن بہ آيو ۽ اهڙي طرح سڪو وٺي ڪري هليو ويو، هاڻي هو روز روز اچڻ لڳو ۽ مان بہ ڪجھ نہ ڪجھ ان کي ڏيڻ لڳس، ڪڏهن ڪڏهن هو منهنجي دڪان تي ٿوري دير ويهي بہ رهندو هو پنهنجا ڏک ڀريا افسانا مونکي ٻُڌائيندو هو، ان جو ڏکين ڀريا داستان ٻُڌي ڪري مونکي ان تي ڏاڍو ترس ايندو هو، ائين مونکي ان سان ڏاڍي همدردي ٿي وئي ۽ اسان جي وچ ۾ نيڪ ناڪ دوستي ٿي وئي، ڏينهن گذرندا رهيا، هڪ ڏينهن معمول جي خلاف هو ڪافي ڏينهن نظر نہ آيو ، مونکي ان جي لاءِ ڳڻتي ٿي پئي تہ

پڪ هو ويچارو بيمار ٿي پيو آهي نہ تہ ايتريون غير حاضريون ان اڄ تائين ناهن ڪيون، مون سندس گهر تہ نہ ڏٺو هو البت ايترو ضرور معلوم هو تہ هو شهر کان ٻاهر ويراني ۾هڪ جهوپڙي ۾ اڪيلو رهندو آهي، خير مان ڳوليندو ڳوليندو آخرڪار ان جي جهوپڙي وٽ پهچي ئي ويس. جڏهن اندر داخل ٿيس ڏٺم تہ هر طرف پراڻيون اگهڙيون ڪنڌريل پيون هيون . هڪ طرف ڪجهہ ٽُٽل ڀڳل ٿانوَ رکيل هئا، مطلب تہ جهوپڙيءَ مان غربت جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا، هڪ طرف هو هڪ ڀڳل کٽ تي چنگهي رهيو هو ، هو سخت بيمار هو ۽ ائين لڳي رهيو هو تہ هاڻي سندس بچڻ مشڪل آهي ، مان سلام ڪري ان جي کٽ وٽ ويهي رهيس، ان اکيون کوليون ۽ منهنجي طرف ڏسي ان جي اکين ۾ هلڪي چمڪ آئي، پاڻ وٽ ويهڻ جو اشارو ڪيائين ، مان ويهي رهيس، وڏي مشڪل سان ان زبان کولي ۽ آهستي چيائين ، **ادا!** مونکي مُعاف ڪجانءِ مان توسان وڏو **دوکو** ڪيو آهي ، مون حيرت مان چيو ، ڪهڙو دوکو؟

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

چوڻ لڳو مون توکي پنهنجي ڏک سور جون جيتريون به ڪهاڻيون ٻُڌايون آهن اهي سڀ جو سڀ هٿ ٺوڪيون هيون ۽ اهڙي ريتءَ **هٿ ٺوڪيا داستان** ٻُڌائي ڪري مان ماڻهن کان پئسا وٺندو رهيو آهيان، هاڻي جيئن ته بچڻ جي ظاهر ۾ ڪا امِيد نظر نٿي اچي ، ان لاءِ تنهنجي آڏو حقيقت کي ظاهر ڪريان ٿو:

"**مان** وچولي حيثيت واري گهر ۾ پيدا ٿيس، شادي به ڪيم، ٻار به ٿيا. پر آءُ ڪم چور ٿي ويس ۽ مونکي **پنڻ** جي عادت پئجي وئي، منهنجي گهرواريءَ کي منهنجي ان ڪم کان سخت نفرت هئي، ان سلسلي ۾ اڪثر اسان جو جهڳڙو ٿيندو رهندو هو. آهستي آهستي ٻار جوان ٿيا مون انهن کي اعليٰ تعليم ڏياري هئي، انهن کي وڏيون وڏيون نوڪريون ملي ويون، هاڻي اهي به مون کان ناراض ٿيڻ لڳا ، انهن جو مسلسل اصرار هو ته مان **پنڻ** ڇڏي ڏيان پر مان عادت کان مجبور هئس ، مون کي دولت سان بيحد پيار هو ۽ بغير محنت جي اچڻ واري دولت کي مان ڇڏڻ نه پيو

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

چاهيان ، آخرڪار اسان جو اختلاف وڌندو ويو ۽ مون ٻارن ٻچن کي ڇڏي ڪري هن ويراني ۾ جهوپڙي ناهي ورتي."

" **اينرو** چوڻ ڪان پوءِ ان اڱڙين جي هڪ ڍير جي طرف جيڪو جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ هو، اشارو ڪندي چيو ته هتان اڱڙين کي هٽاءِ. ان جي هيٺان توکي چار ٻوريون نظر اينديون، انهن مان هڪ ٻوريءَ جو منهن کولي ڇڏ، پوءِ مون ائين ئي ڪيو. **مون جيئن ئي ٻوريءَ جو منهن کوليو ته منهنجون اکيون حيرت وچان دنگ رهجي ويون، ان پوري ٻوريءَ ۾ نوٽن جو ٿهيون هڪ ٻئي مٿان رکيل هيون،** ۽ اها هڪ تمام وڏي رقم هئي. هاڻي اهو **پينو** فقير مون کي تمام **پراسرار** لڳي رهيو هو، چوڻ لڳو : اهي چار ئي ٻوريون اهڙي طرح نوٽن سان ڀريل آهن، منهنجا پاءُ!ڏس مون توتي اعتماد ڪري پنهنجو سڄو راز ظاهر ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي توکي منهنجي **وصيت** تي عمل ڪرڻو پوندو، ڪندين نه! مون هامي ڀري ته چيائين، ڏس!مون هن دولت سان ڏاڍو

پيار ڪيو آهي، انهيءَ جي ڪري پنهنجو آباد گهر اجاڙي ڇڏيم ، نہ ڪڏهن سنو ڪاڌم ، نہ ڪڏهن عمدو لباس پاتم، بس ان ڪي ڏسي ڏسي خوش ٿيندو رهيس ...... پوءِ ٿورو ترسي چيائين ، ٿورو نوٽن جون ڪجهہ ٿهيون تہ ڪٽي ڏئي تہ انهن کي ٿورو پيار ڪري وٺان!! مون ٻوريءَ مان ڪجهہ ٿهيون ڪڍي ڪري ان جي طرف وڌايون،ان جي اکين ۾ يڪدم چمڪ اچي وئي ۽ ان پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان انهن کي ورتو ۽ پنهنجي سيني تي رکي ڇڏيو ۽ واري واري سان چمڻ لڳو، هر هڪ ٿهيءَ کي چمندو ۽ اکين سان لڳائيندو ويندو ۽ چوندو ويندو هو تہ منهنجي **وصيت خاص وصيت** آهي ۽ ان ڪي توکي پورو ڪرڻو ئي پوندو. ۽ اها هي تہ منهنجي سڄي زندگيءَ جي ڪمائي يعني نوٽن جي چئن ٻورين کي توکي ڪهڙي طرح بہ مون سان گڏ قبر دفن ڪرڻو پوندو. مون واعدو ڪري ورتو. **هو وڏي حسرت سان نوٽن کي چمي رهيو هيو تہ اوچتو ان جي نِڙيءَ مان هڪ خوفناڪ رڙ نڪري ڪري فضا جي گهراين ۾ گم ٿي**

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

وئي، مان خوف جي سبب ڪا زور زور سان ڏڪڻ لڳس، ان جو نوٽن وارو هٿ ڪٽ جي هڪڙي پاسي لڙڪي پيو، نوٽ هٿ مان ڪِري پيا ۽ مٿو ٻئي طرف جهڪي پيو ۽ سندس روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو .

**مون** جلدي ئي پنهنجو پاڻ تي قابو آندو ۽ ان جي سيني وغيره تان ۽ هيٺان ڪان بہ نوٽ گڏ ڪري ان ٻوريءَ ۾ واپس وجهي ڇڏيا. ٻوريءَ جو منهن چڱيءَ طرح بند ڪري چار ئي ٻوريون اڳ جيان اڱڙين ۾ لڪائي ڇڏيون، پوءِ ڪجهہ ماڻهن کي ساڻ ڪري ڪيس ڪفن ڏنم ۽ ڪنهن بہ حيلي سان وڏي قبر کوٽرائي ڪري **وصيت** مطابق اهي چار ئي ٻوريون ان سان گڏ ئي دفن ڪري ڇڏيون .

**ڪجهہ** عرصي ڪان پوءِ مون کي ڪاروبار ۾ نقصان پوڻ شروع ٿيو ۽ نوبت ايتري تائين اچي پهتي جو مان تمام گهڻو مقروض ٿي ويس ، قرض ڏيڻ وارن مونکي ڏاڍو پريشان ڪيو،قرض ادا ڪرڻ جي مونکي ڪا بہ واهہ نظر نہ پئي آئي ، هڪ ڏينهن اوچتو مونکي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

پنهنجو اهو پراڻو يار **پُراسرار پَينُو** ياد اچي ويو ۽ مونکي پنهنجي ناداني تي افسوس ٿيڻ لڳو ته مان سندس **وصيت** تي عمل ڪري ايتري رقم ان سان گڏ ڇو دفن ڪري ڇڏي . يقيناً مرڻ ڪانپوءِ ان کي قبر ۾ ان جي مال جو ڪو نفعو نه ڏيٺو هو، جيڪڏهن مان ان مال کي رکي ڇڏيان ها ته اج ضرور مالدار هجان ها،وڌيڪ شيطان مون کي مشورا ڏيڻ شروع ڪيا ته هاڻ به وقت آهي . اتي قبر ۾ هاڻي به اها دولت سلامت هوندي، مون کنهن تي اهو راز اجان تائين ظاهر ڪيو ئي ناهي، حيلو ڪري مون ته ٻوريون دفن ڪيون آهن، اهي هاڻي به قبر ۾ موجود هونديون شيطان جي ان مشوري مون ۾ڪجهه همٿ پيدا ڪئي ، ۽ مان ارادو ڪري ورتو ته چاهي ڪجهه به ٿي پوي مان اهي نوٽن جون ٻوريون ضرور حاصل ڪري وٺندس

**هڪ** رات ڪوڏر وغيره ڪٺي ڪري مان قبرستان پهچي ئي ويس ، مان هاڻي ان جي قبر وٽ ٻيٺو هئس ، **هر طرف اوندهه ۽ خوفناڪ خاموشي ڇانيل هئي ،**

فرمان مصطفيٰ ﷺ : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

منهنجي دل ڪنهن نامعلوم خوف جي سبب زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي ۽ مان پگهر ۾ شل ٿي رهيو هئس. آخر ڪار سموري همٿ گڏ ڪري مون ان جي قبر تي ڪوڏر هلائي. ٻه ٽي لپا هٽڻ ڪان پوءِ خوف تقريباً ويندو رهيو، ٿوري دير جي محنت ڪان پوءِ مان ان ۾ هڪ مناسب سوراخ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس هاڻي بس هٿ اندر وجهڻ جي ئي دير هئي، پر وري منهنجي همٿ جواب ڏيڻ لڳي، خوف ۽ دهشت جي سبب منهنجو سڄو جسم زور زور سان ڏڪڻ لڳو،طرح طرح جي ڀوائتن خيالن مون تي غلبو ڪرڻ شروع ڪيو، ضمير ٻه رڙيون ڪري چئي رهيو هيو ته واپس وڃ ۽ حرام جي مال سان پنهنجي آخرت برباد نه ڪر پر آخرڪار حرص ۽ لالچ غالب آئي ۽ مالدار ٿي وڃڻ جي سونهري خواب هڪ ڀيرو ٻيهر مونکي آڏت ڏياري ڇڏي ته هاڻي ته ٿورڙي همٿ ڪر، منزلِ مراد هٿ ۾ آهي. آهه! دولت جي نشي مون کي انجام ڪان بلڪل غافل ڪري ڇڏيـو! مـون پنهنجـو هٿ قبر جي سوراخ ۾ داخل ڪري ڇڏيو!

**اجان پوري ڪي هٿ لائي ڏسي ئي رهيو هئس تہ منهنجي هٿ ۾ ٻرندڙ ٽانڊو اچي ويو، سور ۽ تڪليف سبب منهنجي وات مان رڙ نڪري وئي ۽ قبرستان جي ڀيانڪ خاموشي ۾ گم ٿي وئي، مون هڪ دم پنهنجو هٿ قبر مان ٻاهر ڪڍيو ۽ بد حواس ٿي ڀڄڻ لڳس .** منهنجو هٿ بُري طرح سڙي چُڪو هو ۽ مونکي سخت ساڙو ٿي رهيو هو مون خوب روئي روئي ڪري بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ توبهہ ڪئي، منهنجي هٿ جو ساڙو نہ ويو، هن مهل تائين بيشمار ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن کان علاج ڪرائي چُڪو آهيان، پر هٿ جو ساڙو نہ ٿو وڃي ، ها آڱريون پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ سان ڪجهہ آرام ملندو آهي، انهيءَ جي لاءِ هر وقت پنهنجو ساڄو هٿ پاڻيءَ ۾ رکندو آهيان.

**ان** شخص جو هي درد ڀريو داستان ٻُڌي منهنجي دل هڪدم دنيا کان بيزار ٿي وئي. دنيا جي دولت کان مونکي نفرت ٿي وئي ۽ بي اختيار قرآن مجيد جون هي آيتون مون کي ياد اچي ويون .

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالىٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝ اَلۡهٰىكُمُ التَّكَاثُرُ ۝ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ۝ (پ ۳۰، التكاثر ۲،۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله (عَزَّوَجَلَّ) جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحم وارو ۽ توهان کي غافل رکيو مال جي گهڻي طلب ايتري تائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو."

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان؟ مال جي محبت ڪيتريقدر تباهي مچائي، پينو پنهنجي حرام مال کي چمندي چمندي مئو ۽ ان جو دوست ان حرام مال کي حاصل ڪرڻ ويو ته هن مصيبت ۾ پيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان **پُراسرار پَينُو** ۽ ان جي دوست جي گناهن کي معاف فرمائي ۽ انهن ٻنهي جي بي حساب مغفرت فرمائي ۽ هي دعائون اسان گناهگارن جي حق ۾ به قبول فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سو نمونے مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

# دولت سان دوا ملي سگهي ٿي شفا نه

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي لاءِ انهن جي ڏڪائي ڇڏيندڙ داستان ۾ عبرت جا بيشمار **مدني گل** آهن ، **هر وقت** مال ۽ دولت جي حرص ۽ لالچ ۾ ٻڏل رهڻ وارن جي لاءِ ، ۽ مال جمع ڪرڻ جي شوق ۾ حلال ۽ حرام جو فرق ختم ڪري ڇڏڻ وارن جي لاءِ، **ڪاروباري** مشغوليت جي سبب نماز جي جماعت بلڪ معاذ الله عَزَّوَجَلَّ نماز ئي برباد ڪرڻ وارن جي لاءِ ۽ زندگي جو سڪون صرف ۽ صرف مال ۽ دولت ۾ تلاش ڪرڻ وارن جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي. **ياد رکو!** دولت سان دوا ته خريد ڪري سگهجي ٿي،**شفا** نه ٿي خريد ڪري سگهجي. **دولت** سان دوست ته ملي سگهن ٿا پر **وفا** نه ٿي ملي سگهي ، دولت هلاڪت جو سبب ته ٿي سگهي ٿي پر ان جي ذريعي موت کي ٽارڻ ٽاري سگهجي. **دولت** سان شهرت ته حاصل ڪري سگهجي ٿي پر **عزت** حاصل نه ٿي ڪري سگهجي.

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ”پُراسرار پينوءَ“ جي ڏڪائي ڇڏيندڙ داستان ۾ پنڻ کي ڌنڌو بڻائڻ وارن جي لاءِ بہ عبرت جا مدني گل آهن. **ياد رکو!** ڌنڌي جي طور تي پنڻ **حرام** ۽ جهنم جي طرف وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، جيڪو بنا شرعي اجازت جي گهرندو آهي اهو جهنم جي **باهہ** پنهنجي لاءِ گهرندو آهي ۽ اهڙي طرح جيتري رقم وڌيڪ حاصل ڪندو، اوترو ئي باهہ جو وڌيڪ حقدار هوندو، هن سلسلي ۾ چار احاديثِ مبارڪ ملاحظہ فرمايون.

**چار ارشاداتِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :

﴿1﴾ جيڪو شخص ماڻهن کان گهري، حالانڪ نہ ان کي فاقو (بُک) پهتو نہ ايترا ٻار ٻچا آهن جن جي طاقت نٿو رکي تہ قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح ايندو جو ان جي منهن تي گوشت نہ هوندو.“

**(شعب الايمان، ج3، ص274، حديث3526، دارالڪتب العلميه بيروت)**

﴿2﴾ ”جيڪو بغير ضرورت جي گهرندو آهي جڻ تہ اهو ٻرندڙ ٽانڊا ڪائي ٿو.“

**(المعجم الڪبير، ج4، ص15، حديث، 3506 داراحياءُ التراث العربي بيروت)**

فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

﴿3﴾ ” جيڪو مال وڌائڻ جي لاءِ گهرندو آهي ، اهو ٻرندڙ ٽانڊي جو سوال ڪندو آهي تہ چاهي گهٽو گهري يا ٿورو. (صحيح مسلم ص518،حديث 1041،دار ابن حزم بيروت)

﴿4﴾”جيڪو شخص ماڻهن کان گهري ان لاءِ جو پنهنجي مال کي وڌائي تہ اهو جهنم جو گرم پٿر آهي هاڻي ان کي اختيار آهي،چاهي ٿورو گهري يا گهڻو طلب ڪري.“ (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5،ص166،حديث 3382، دارالڪتب العلميه بيروت)

## (2) باهہ جا شعلا ۽ دونهان (1)

هو پنج ئي وقت پابنديءَ سان نماز پڙهندو هو، مالدار هئڻ سان گڏوگڏ وڏو سخي دل بہ هو، دل کولي ڪري غريبن ۽ بيواهن جي مدد ڪندو هو ، ڪيترن ئي يتيم ٻارن جون شاديون بہ ڪرايون هيون،حج بہ ڪيل هو، سن1973ع جي هڪ صبح سندس انتقال ٿي ويو، بيحد ملنسار ۽ با اخلاق هئڻ جي سبب پاڙي وارا مرحوم

(1) اهو ڏکائي ڇڏيندڙ داستان نواءِ وقت ميگزين ۾ شايع ٿيو هو، عبرت جي لاءِ ڪجهہ اضافي سان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سگِ مدينه عفي عنه

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو

ڪان تمام گهڻو متاثر هئا تنهنڪري سوڳوارن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو، سندس جنازي ۾ به ماڻهن جو وڏو هجوم هو، سڀ ماڻهو قبرستان آيا، قبر کوٽي ڪري تيار ڪئي وئي،جيئن ئي ميّت قبر ۾لاهڻ جي لاءِ کڻي آيا ته غضب ٿي ويو: **اوچتو قبر خود بخود بند ٿي وئي!!**سڀئي ماڻهو حيران رهجي ويا، ٻيهر زمين کوٽي وئي، **جڏهن** ميت لاهڻ لڳا ته وري قبر خود بخود بند ٿي وئي!سڀ ماڻهوحيران ۽ پريشان هئا، هڪ به پيرو ائين ئي ٿيو، آخرڪار چوٿين ڀيري تدفين ۾ ڪامياب ٿي ئي ويا. **فاتحہ پڙهي ڪري سڀ موٽيا ۽ ڪجھ قدم ئي هليا هئا ته ائين محسوس ٿيو جيئن زمين زور زور سان لڏي رهي هجي، ماڻهن بي اختيار ٿي پوئتي مُڙي ڪري ڏٺو ته هڪ هوش اڏائيندڙ منظر هو، آه! قبر ۾ ڏار پئجي چُڪا هئا ، ان مان باھ جا شعلا ۽ دونهان نڪري رهيا هئا، ۽ قبر جي اندران رڙين جو آواز بلڪل صاف ٻُڌڻ ۾ اچي رهيو هو ، اهو ڏڪائي ڇڏيندڙ منظر ڏسي ڪري سيني جـون وايون بتال ٿـي ويـون ، جنهن ڪان جيترو**

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

**ڀڳو اهو اتان ڀڄي ويو.** ماڻهو حيران ۽ پريشان هئا تہ بظاهر نيڪ، سخي ۽ با اخلاق انسان جي آخر اهڙي ڪهڙي خطا هئي جنهن جي سبب هي ايتريقدر خوفناڪ قبر جي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويو ، تحقيق ڪرڻ تي ان جا حالات ڪجهہ هيئن سامهون آيا:"مرحوم ننڍپڻ تمام ذهين هو. ماءُ پيءُ اعليٰ تعليم ڏياري جڏهن خوب پڙهي لکي ورتائين تہ ڪنهن طرح سان بہ سفارش يا رشوت جي زور تي هڪ سرڪاري ڪاتي ۾ نوڪري اختيار ڪري ورتائين. **رشوت** جي عادت پئجي ويس، **رشوت** جي دولت سان پلاٽ بہ خريد ڪيائين ۽ تمام گهڻو بئنڪ بيلنس بہ ٺاهيائين.انهيءَ مان حج بہ ادا ڪيائين ۽ سموري سخاوت بہ انهيءَ **حرام ڪمائيءَ** مان ڪندو هو ." **اسان قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار تان ان جي پناهہ جا طلبگار آهيون.**

حُسنِ ظاہر پر اگر تُو جائے گا　　عالمِ فانی سے دھوکہ کھائے گا
یہ مُنقش سانپ ہے ڈس جائے گا　　کر نہ غفلت یاد رکھ پچھتائے گا

ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! حرام مال حاصل ڪرڻ واري جو ڪيتري قدر ڏکائيندڙ آهي انجام ٿيو. ياد رکو! حديث جي حڪم مطابق **رشوت ڏيڻ وارو ۽ رشوت وٺڻ وارو ٻئي جهنمي آهن.**

**(المعجم الاوسط للطبراني، ج1، ص550، حديث 2026 دارالڪتب العلميه بيروت)**

## حرام مال جي خيرات نا مقبول آهي

**حرام** مال مان ڪيا ويندڙ نيڪ ڪم به قبول ناهن ڪيا ويندا، ڇو ته الله عزوجل پاڪ آهي ۽ پاڪ مال کي ئي قبول فرمائيندو آهي، جيئن ته سرڪارِ مدينه ، قرارِ قلب وسينه ، فيض گنجينه ، باعثِ نزول سڪينه، صاحب معطر پسينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمانِ عبرت نشان آهي ، جيڪو شخص **حرام مال** ڪمائيندو آهي ۽ پوءِ صدقو ڪري ٿو ته ، ان کان قبول نه ڪيو ويندو ۽ ان مان خرچ ڪندو ته ان جي لاءِ ان ۾ برڪت نه ٿيندي ۽ ان کي پنهنجي پويان ڇڏيندو ته اهو ان جي لاءِ دوزخ جو زادِ راهه (سفر جو سامان) هوندو .

**(شرح السنة للبغوي ج4، ص205_206 حديث 2023 دارالڪتب العلميه بيروت)**

## حرام ڳرهہ جون تباهہ ڪاريون

**منقول** آهي تہ بني آدم جي پيٽ ۾ جڏهن **حرام جو ڳرهہ** پيو تہ زمين ۽ آسمان جو هر فرشتو ان تي لعنت ڪندو، جيسيتائين اهو گرهہ ان جي پيٽ ۾ رهندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مرندو تہ ان جو نڪاڻو **جهنم** هوندو. (مڪاشفة القلوب ص10 دارالڪتب العلميه بيروت)

## (3) ٿيڏي قبر

27 جمادي الاول سن1411هہ جو هڪ پوليس آفيسر جو جنازو راولپنڊي رتہ امرال قبرستان ۾ آندو ويو، جڏهن ان کي قبر ۾ لاٿو پئي ويو تہ **اوچتو قبر ٿيڏي ٿي وئي!** شروع شروع ۾ تہ ماڻهن ان کي قبرون کوٽيندڙ جي غلطي قرار ڏنو، ٻي جڳهہ قبر کوٽي وئي ، جڏهن ميت کي لاهڻ لڳا تہ **قبر هڪ ڀيرو وري ٿيڏي ٿي وئي!!**هينئر ماڻهن ۾ خوف ۽ حراس وڌڻ لڳو. ٽئين ڀيري بہ ائين ئي ٿيو. قبر حيرت انگيز حد تائين ايتري قدر **ٿيڏي** ٿي ويندي هئي جو تدفين ممڪن نہ رهندي

هئي، آخرڪار جنازي ۾ شريڪ ماڻهن ملي جُلي ڪري مرحوم جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪئي ۽ پنجين قبر ۾ هر حال ۾ تدفين جو فيصلو ڪيو ويو، پوءِ پنجين پيري قبر ٽيڏي هئڻ جي باوجود زبردستي ڦاسائي ڪري ميّت کي لاٿو ويو. **اسان قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار کان ان جي پناهه جا طلبگار آهيون.**

اجل نے نہ کسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا　　اِسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا

ہر اک لے کے کیا کیا نہ حسرت سِدھارا　　پڑا رہ گیا سب یُونہی ٹھاٹھ سارا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پوليس آفيسر هن ڏڪائي ڇڏيندڙ واقعي ۾ عبرت ئي عبرت آهي ، الله عَزَّوَجَلَّ بهتر ٿو ڄاڻي ان پوليس آفيسر جا ڪهڙا گناهه هئا جنهن جي سبب ان کي ماڻهن جي لاءِ عبرت جو سامان بڻايو ويو! جنهن کي عهدي ۽ منصب ۽ اقتدار جي خواهش هجي اهو هيءَ روايت غور سان ملاحظه ڪري :

# جهنم ۾ اڇلايو ويندو

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عن العُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جيڪو شخص ڏهه ماڻهن جو حاڪم بڻيو پوءِ انهن جي وچ ۾ فيصلا ڪندو رهيو، ماڻهن ان جا فيصلا پسند ڪيا هجن يا نا پسند، قيامت جي ڏينهن ان کي هن حال ۾ پيش ڪيو ويندو جو ان جا هٿ ڪنڌ سان ٻَڌل هوندا، هاڻي جيڪڏهن (دنيا ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي نازل ڪيل احڪامن جي مطابق فيصلو ڪيو هوندو ۽ رشوت به نه ورتي هوندي ۽ نه ئي ظلم ڪيو هوندو ته الله تعاليٰ ان کي آزاد فرمائي ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي نازل ڪيل احڪامن جي خلاف فيصلو ڪيو هوندائين، رشوت به ورتي هوندائين ۽ نا انصافي ڪئي هوندائين ته ان جو کابو هٿ ساڄي هٿ سان ٻَڌو ويندو پوءِ ان کي جهنم ۾ اڇلايو ويندو ته هو جهنم جي تَري ۾ پنج سئو

سالن ۾ به نه پهچي سگهندو.

**(المستدرڪ للحاڪم ج5، ص140، حديث7151، دارالمعرفه بيروت)**

## (4) مردو اٿي ويهي رهيو

**جوهر آباد** (ٽنڊو آدم) جي هڪ ڪپڙي جي واپاريءَ جو ڏڪائي ڇڏيندڙ داستان ٻُڌوءِ ڏکي وجو، اخباري اطلاع جي مطابق قبرستان ۾ هڪ جنازو آندو ويو، امام صاحب جيئن ئي جنازي نماز جي نيّت ڪئي مردو اٿي ڪري ويهي رهيو! ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي، ۽ امام صاحب به نيّت ڇڏي ڇڏي ۽ ڪجهه ماڻهن جي مدد سان ان کي وري ليٽايو ويو، **ٻي ڀيرا مردو اٿي ڪري ويهي رهيو.** امام صاحب مرحوم جي رشتيدارن کان پُڇيو، ڇا مرڻ وارو **وياج وٺندو هو**؟ انهن اثبات (يعني تصديقاً ها) ۾ جواب ڏنو.ان تي امام صاحب جنازي نماز پڙهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو! ماڻهن جڏهن لاش قبر ۾ رکيو ته قبر زمين ۾ اندر دٻجي وئي،ان تي ماڻهن لاش کي مٽي وغيره سان لَٽي بغير فاتحه جي ئي گهر ڏانهن روانا ٿي ويا . **اسان قهرِ قهار ۽ غضب جبار**

**تان ان جي پناهہ جا طلبگار آهيون.**

سُود و رِشوت میں نُحُوست ہے بڑی
اور دوزخ میں سزا ہوگی کڑی

# وياج جي نِندا ۾ چار روايتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن طرح جا ڏکائي ڇڏيندڙ واقعا ماڻهن کي گناهن جي انجام کان ڊيڄارڻ ۽ سنّتن ڀرئي رستي تي هلڻ جي ترغيب جي لاءِ ڏيکاريا ويندا آهن، عبرت جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ڪئي ويندڙ سزائن جي منظرن کان علاوه وڏيڪ خوفناڪ عذابن جو سلسلو بہ انهن گناهگارن جي لاءِ ٿي سگهي ٿو. هن ڏکائيندڙ واقعي ۾ مرڻ واري کي "وياجي" ظاهر ڪيو ويو، واقعي وياج جي بہ تمام گهڻي نحوست هوندي آهي، هن کي سمجهڻ لاءِ چار احاديثِ مبارڪ ملاحظہ فرمايو.

﴿1﴾ صحيح مسلم شريف جي حديث آهي ، رسول الله صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم **لعنت** فرمائي **وياج** وٺڻ واري ۽ ڏيڻ واري

۽ ان جو ڪاغذ لکڻ واري ۽ ان تي گواهي ڏيڻ وارن تي ۽ فرمايائون اهي سڀ برابر آهن.

**(صحيح مسلم ص862، حديث1598 دار ابن حزم بيروت)**

﴿2﴾ سنن ابنِ ماجه ۾ آهي: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا : **وياج** ٽيهتر گناهن جو مجموعو آهي ، ان مان سڀني کان هلڪو هي آهي تہ ماڻهو پنهنجي ماءُ سان زنا ڪري. **(سنن ابن ماجه ج3 ص 72 حديث 2274، 2275 ملتقطًا من الحديثين)**

﴿3﴾ مُسند امام احمد بن حنبل ۾ آهي:" جيڪو شخص ڄاڻي واڻي **وياج** جو هڪ درهم کائي تہ ڇٽيهہ ڀيرا زنا ڪرڻ کان وڌيڪ سخت آهي."

**(مُسند امام احمد بن حنبل ج8، ص223، حديث 22016 دار الفڪر بيروت)**

﴿4﴾ سنن ابن ماجه ۾ آهي، سرڪارِ نامدار ، مديني جي تاجدار، حبيبِ پروردگار ، جنابِ احمد مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، معراج جي رات منهنجو گذر ڪجهہ اهڙن ماڻهن تي ٿيو، جن جا پيٽ گهرن جيان هئا، انهن ۾ نانگ هئا، جيڪي پيٽن کان ٻاهر بہ نظر ايندا هئا. مون پُڇيو اي جبرئيل! (عليه السلام) هي ڪير آهن؟ انهن عرض ڪيو،

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو

**هي وياج کائڻ وارا آهن.**

**(سنن ابن ماجه ج3،ص71_72 حديث 2273، دارالمعرفه بيروت)**

**مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان هن حديثِ پاڪ جي متعلق فرمائن ٿا،"اڄ جيڪڏهن هڪ معمولي ڪيڙو پيٽ ۾ پيدا ٿي وڃي، تہ تندرستي بگڙي ويندي آهي، ماڻهو بيقرار ٿي ويندو آهي تہ سمجهي ڇڏيو! تہ جڏهن ان جو پيٽ نانگن، وڇوئن سان ڀرجي وڃي تہ ان جي تڪليف ۽ بيقراري جو ڇا حال هوندو، رب (عَزَّوَجَلَّ) جي پناهہ.

**(مرآة المناجيح ج4،ص259،ضياءُ القرآن پبليڪيشنز مرڪز الاولياء لاهور)**

# (5) قبر وڇوئن سان ڀريل هئي

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ **حجم** جو آخري وقت هو، ماڻهن ان کي چيو ،"ڪلمو پڙهہ"(1) ان جواب نہ ڏنو ، وري چيائون ،"ڪلمو پڙهہ"موت جي سختي سبب ان معاذالله

(1) تلقين جو اهو طريقو غلط آهي، صحيح طريقو هي آهي تہ سڪرات واري وٽ بلند آواز سان ڪلمي شريف جو ورد ڪيو وڃي تہ جيئن ان کي بہ ياد اچي وڃي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.

ڪلمي شريف کي گار ڏني (1) ڪجهہ دير کان پوءِ ان جو انتقال ٿي ويو جڏهن دفن ڪرڻ لڳا تہ ماڻهن جون رڙيون نڪري ويون ڇو تہ **قبر وڇوئن سان ڀريل هئي.** ان قبر کي ماڻهن بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻي جڳهہ تي قبر کوٽيائون.آهہ! اها قبر بہ وڇوئن سان ڀريل هئي، پوءِ انهيءَ حالت ۾ **حجم** جي لاش کي قبر ۾ وجهي ڪري قبر بند ڪئي وئي. **اسان قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار کان ان جي پناهہ جا طلبگار آهيون.**

## ڏاڙهي ڪوڙڻ جي اجرت حرام آهي

اهي حجم صاحبان جيڪي ڏاڙهي جهڙي عظيم الشّان سنّت کي **معاذالله** ڪوڙڻ يا ڪٽي ڪري هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارو خوفناڪ ڏوهہ ڪري روزيءَ جو انتظام ڪندا آهن، اهي هن **ڏڪائي ڇڏيندڙ واقعي** مان

(1) بهارِ شريعت حصي4،ص 158 تي آهي مرڻ وقت معاذالله ان جي زبان مان ڪفر جو جملو نڪتو تہ ڪفر جو حڪم نہ ڏينداسين جو ممڪن آهي موت جي سختي ۾ عقل ويندو رهيو هجي ۽ بيهوشيءَ ۾ اهو جملو نڪري ويو.
( الدرالمختار ج3،ص96 دارالمعرفه بيروت)

عبرت حاصل ڪن، ان سان گڏوگڏ هي بہ ياد رکو تہ هن طرح جيڪا اجرت حاصل ٿيندي آهي، اها بہ **حرام** ۽ **خبيث آهي**، ۽ پڻ ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارا بہ قهرِ خداوندي کان ڊڄن جو انهن جو اهو ڪم حرام آهي. وقار الفتاويٰ ج 1ص259 تي آهي: ” ڏاڙهي ڪوڙڻ **حرام** آهي، اهو ڪم ڪرڻ بہ حرام آهي، ڪنهن کان ڪرائڻ بہ **حرام** ۽ ان جي اجرت بہ **حرام** آهي“.

# ❁ حرام مال جا شرعي احڪام ❁

حرام مال جون بہ صورتون آهن:﴿1﴾ هڪ اهو **حرام مال** جيڪو چوري،رشوت، غصب (يعني ناجائز قبضو ڪيل مال) ۽ انهن جهڙن ٻين ذريعن کان مليو هجي، ان کي حاصل ڪرڻ وارو ان جو بلڪل مالڪ ئي نٿو بڻجي سگهي ۽ ان مال جي لاءِ شرعًا فرض آهي تہ جنهن جو آهي انهيءَ کي واپس ڪيو وڃي اهو زنده نہ هجي تہ وارثن کي ڏئي ۽ انهن جي بہ خبر نہ پوي تہ بغير ثواب جي نيّت

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.

جي فقير تي خيرات ڪري ڇڏي .

﴿2﴾ ٻيو اهو **حرام مال** جنهن ۾ مال هٿ ۾ ڪرڻ سان مِلڪِ خبيث حاصل ٿي ويندي آهي ۽ هي اهو مال آهي جيڪو ڪنهن عقدِ فاسد جي ذريعي حاصل ٿيو هجي جيئن وياج يا ڏاڙهي ڪوڙڻ يا نندي ڪرڻ جي اجرت وغيره، ان جو بہ اهو ئي حڪم آهي پر فرق هي آهي تہ ان کي مالڪ يا ان جي وارث کي ئي واپس ڪرڻ فرض ناهي اولاً فقير کي بغير ثواب جي نيّت جي خيرات ۾ ڏئي سگهي ٿو، البت افضل اهو ئي آهي تہ مالڪ يا وارثن کي واپس ڪري. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج23،ص551،552 وغيره)

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## ❁ ايثار جي مدني بهار ❁

**هڪ** اسلامي ڀيڻ سان پيش ايندڙ هڪ **مدني بهار** مختصر طور خدمت ۾ عرض آهي: بمبئي جي هڪ علائقي ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.

تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرف کان اسلامي ڀينرن جي ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع (سومر شريف 22 صفرالمظفر سن 1428ھ بمطابق 12.3.2007) جي پُڄاڻيءَ تي هڪ ذميدار اسلامي ڀيڻ وٽ ڪنهن نئين اسلامي ڀيڻ پنهنجي گَم ٿيل چپل جي شڪايت ڪئي، ذميدار اسلامي ڀيڻ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ان کي پنهنجي چپل جي پيشڪش ڪئي، اتي موجود هڪ ٻي اسلامي ڀيڻ جنهن کي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿئي تقريبًا ست مهينا ٿيا هئا، ان اڳتي وڌي ڪري هي چيو تہ "**ڇا دعوتِ اسلاميءَ جي خاطر مان ايترِي قرباني بہ نہ ٿي ڏئي سگهان!**" اصرار ڪري پنهنجي چپل ان نئين اسلامي ڀيڻ کي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ پيرين اگهاڙي گهر هلي وئي، رات جڏهن سُتي تہ سندس قسمت جاڳي پئي! ڇا ٿي ڏسي تہ **سرڪارِ نامدار ، مديني جا تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي جلوه فرما آهن گڏوگڏ هڪ پيرسن **مبلغ دعوتِ اسلامي** مٿي تي سبز سبز عمامو شريف سجائي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

قدمن ۾ حاضر آهي. **سرڪارِ مدينه** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي لبن مبارڪن کي جنبش ۽ رحمت جا گل ڇڻجڻ لڳا ، لفظن ڪجهه هن طرح ترتيب ماٽي: **ڇپل ايثار ڪرڻ** وقت توهان جي زبان مان نڪتل الفاظ ”ڇا **دعوتِ اسلامي** جي خاطر مان ايتري قرباني به نه ٿي ڏئي سگهان!“اسان کي ڏاڍا پسند آيا. (ان ڪان علاوه به حوصله افزائي فرمائي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** ۾ ايثار جي ڇا خوب **مدني بهار** آهي! ڳڌوڳڌ ايثار جي فضيلت جون به ڪيتريون برڪتون آهن: ٻنهي جهانن جي تاجدار صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جو فرمانِ پر بهار آهي، **”جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي ڪري** (ٻين کي) **پاڻ مٿان ترجيح ڏئي ته الله** عَزَّوَجَلَّ **ان کي بخشي ڇڏيندو.“**

**(اتحاف السادة المتقين ج9،ص779 دارالڪتب العلمية بيروت)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڇا توهان پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جي لاءِ هر مهيني صرف ٽن ڏينهن جي قرباني نٿا ڏئي سگهو!!!

فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه وآله وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.

غور جو مقام آهي! ڇا دعوتِ اسلامي جي خاطر ايتري به قرباني نه ٿا ڏئي سگهو؟

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

**يا رب مصطفيٰ** عزوجل و صلى الله تعالیٰ علیه وآله وسلم ! اسان کي خوش دلي ۽ سنين سنين نيتن سان گڏوگڏ خوب خوب ايثار ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان کي مدينهٴ منوره ۾ زيرِ گنبذ خضرا شهادت، جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنّت الفردوس ۾ بي حساب داخلا عنايت ڪر ۽ پنهنجي مدني حبيب صلى الله تعالیٰ علیه وآله وسلم جي پاڙي ۾ جڳهه عطا فرماءِ.

آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالیٰ علیه وآله وسلم

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل
نام غفار ہے ترا یا رب

فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن ، اجتماعن ، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪن کي به ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب ! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنت کان محروم ڪير؟

حضرت سيدنا حذيفه رضى الله تعالیٰ عنه کان مروي آهي ، حضورِ اڪرم، نورِ مجسم ، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافع امم صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمائن ٿا : ” چغل خور جنت ۾ داخل نه ٿيندو. “

(صحيح البخاري ج 4 ص115 حديث 6056 دارالڪتب العلميه بيروت)

